SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس (Ordinance) نمبر XI، 1970

سنڌ ۾ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي واري ايڪٽ جو (ترميمي) آرڊيننس، 1970

فهرست

تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
2. 1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي سيڪشن 35 جي ترميم:

سنڌ آرڊيننس (Ordinance) نمبر XI، 1970

سنڌ ۾ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي واري ايڪٽ جو (ترميمي) آرڊيننس، 1970

[25 نومبر 1970]

سنڌ ۾ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي واري ايڪٽ، 1940 جي ترميم آڻڻ لاءِ آرڊيننس.

تمهيد

جيئن ته سنڌ ۾ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي واري ايڪٽ، 1940 جي هيٺين ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي:

25مارچ 1969ع جي مارشل لا جي اعلان جي عمل ۾ عبوري آئيني حڪم (PCO) جي روشنيءَ ۾ مليل سمورن اختيارن موجب سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس نافذ (Promulgate) ڪيو آهي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هي آرڊيننس سنڌ ۾ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي واري ايڪٽ جو (ترميمي) آرڊيننس، 1970 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ڪيو ويندو.

1940 جي سنڌ ايڪٽ IV جي سيڪشن 35 جي ترميم

2. سنڌ ۾ نشيدار شين جي واهپي تي پابندي واري ايڪٽ، 1940 جي سيڪشن 35 جو ذيلي دفعو (a) ترڪ (Omitted) سمجهيو ويندو.

[redacted]

نوٽ: مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.